# آچا وار، ڳاڙها گل

هن لاءِ ڪيو ٿي ڇا هوم؟ فقط سندس ڪيو م ٻنهن جي اوولٽين جي ڊبي مان هڪ ڇچو ڪٽي ملايو هوم. ٻنهنجيون وڏيون اکيون مٿي ڪٽي ڪيڏا شڪرانا مڃي ورتائين. سوچيم ٻنهنجي ڪڪڙيءَ کي ته صبح جو ڪير م ٻيدو ملائي ڏيان، رات جو اوولٽين يا بورن وٽا ڏيانس، پر هن ته ڪڏهين شڪرانا ڪين مڃيا آهن!

ڪاٽيج ٻاهران جيڪو منهنجو باغ آهي، انمان ٽاريون ٻاجيون پٽي اچي سوپ ٺاهي پياريومانس ته چٽنٽ وٽ لڏي ٿي منهنجي ڪڪڙيءَ کي چوي، ”ڏاڍي ٻاڳن واري آهين، جو ههڙو بابا مليو اٿيئي.“ هن موڙو ڏيئي چيو، ”رڳو ڪاڏي جي ٿي ته خبر لهي ٿو، گهڻا ڏينهن ٿيا آهن جو ڇوانس پيٽي ته ٻه چار ٽڪلان جون ساڙهيون وٺي ڏي.“

گوڀيءَ چپ تي آڱر رکي چيس، ”اينريون ساڙهيون پلا ڇا ڪنديءَ، اڳم ٿي ڇا گهٽ ڪپڙا اٿيئي؟ ۽ هن پهاڙيءَ تي سنڌي گهر ته تمام ٿورا آهن، پوءِ اوچا ڪپڙا ڪٿي پائي ويندينءَ؟“

مونکي سندس ادا ڏسي کل اچي ويئي. رات جو

چئي سمهي، ”بابا صبح جو سويل اُٿارجو، اسين ڏئي سگهيون، هتي جا سڀ پيچرا ۽ اوچايون ڏسندي پوسين.“

صبح جو اڃا سڄ مس ڪير ته هوءَ ئب ڏيئي اُٿي. ڪڪي ته پاسو ورائي سوڙ ڇڪي چوڻ لڳي، ”سڪي، لون ئي وڃي ٿي اَڄ، مونکي ته ننڊ پيئي اچي.“

گوپي سائي پڙي پائي، ننڍڙا ئب ڏيندي، ڳاڙهي رِبين مٿي ۾ لهرائيندي، مونکان به اَڳيرو ئي ويئي ۽ چڙي سڀ رستا اڳ ئي سڃاتل هئس. گل چنڊ بيني ته مان به لڪڻ جي آڌار تي ٽڪرو ٽڪرو پهاڙي لاهيءَ وارو وڪڙ ڦري ويس. جان ڪٿي پنيان نهاريان ته هيءَ ڊيل ٿلندي ئمڪندي، ڳاڙها ڳاڙها گل وارن ۾ وجهندي پيئي اچي. صبح جي لال ڪرڻن ۾ سندس گلن سان سينگاريل مکڙيءَ تي الاجي ڪهڙو نوراني نور پسيم! سندس بالاڻ سان ڏوٽل منهن، ماڪ سان اُجاريل پنن کان ئي وڌيڪ پوتر پئي لڳو. چيم، ”او ٽوبهن ورهين جي ته لڳين ئي نٿين. پڙهي پڙهي پيلي اهڙي تي ويئي آهين، جهڙو سورج مکيءَ جو گل. مهنو ڪن پنهنجي ساهيڙيءَ وٽ رهه ته ڏسج ڪهڙو ڳاڙهو گل ڪري ٿو موٽايان توکي.“

هن وري به اهي ئي وڏيون اکيون کڻي، منهنجي منهن ۾ نهاري ائين ڏٺو، چڻ لسڪين تي گهريائين، ”سچ ؟“

مون ڪنڌ لوڏي هائو ڪئي.

ٻه هفتا گذري ويا. ان ڏينهن صبح جو ٻهاڙيءَ تان
هيٺ لهندي چيائين، ”بابا، هاڻي ته مون چڱوئي پاڻ
پڙهيو آهي. امتحانن جا ٽڪ ٿي لهي ويا آهن. سوچيان
پيٺي، سياڻي ٿي مونکي گاڏيءَ ۾ چاڙهي ڇڏيو ته اميءَ
وٽ هلي وڃان.“

ڏڏڪو جو آيو! پاڻيان پيو، منهنجي هن ٻهاڙيءَ
جون سڀ وٽــراهون، سڀ گس، ۽ دل جون سڀ
اڪيليون وانڍيون، جيڪي هن جي اچڻ سان پرجي پيئون
هيون، سي سڀ سياڻي ٿي سڃيون ٿي وينديون.

ڏاڍي مڃائڻ واري نموني چيم، ”مان نـــ وڃڻ
ڏيندوسانءِ گوپي، مونکي پنهنجو فرض پالڻ ڏي“ ۽
من جا ڀاو ڪجهه ظاهر ڪندي چيم، ”ڇا ٻڌايانءِ گوپي،
توکي ته مان ايڏو تو گهران جو پاڻيان پل به نه پري ٿين.“

”وينديس ته بس ٽورن لئي ڏينهن ۾ پلاڻي وهندا.
مون جهڙيون توهان جي ڪڪيءَ جون گهٽيئي ساهيڙيون
هٿي رهي ويٺون هونديون.“

”تو تڏهن اهڙو ڪڇو سمجهيو آهي مونکي. تنهن
سواءِ ڪڪيءَ جون ساهيڙيون پل گهٽيئي گهميون آهن
هن ٻهاڙيءَ تان، پر تو جهڙي ڪا به نه......“ مون
سندس چوٽيءَ کي هيٺ ڇڪي، سندس منهن مٿي
ڪڻي، انهن وڏين اکين ۾ پنهنجو عڪس ڏسڻ جي
ڪوشش ڪئي.

هوءَ اَلڙ ٽاڙي وڄائي چوڻ لڳي، ”پر بابا! هيءَ

پاڻ ته ڏسو! هن گس تان ته اسين اڳي ڪڏهين ڪين لنگهيا آهيون..." سندس وڏيون اونهيون اکيون ٻار جي ڪنهن ڳالهه جيان عجب کان ڦاٽل هيون. مان اها ڳالهه پوئين سان ڏيکاريل پاڻ ڏسان، ڪين هنجي مکڙي جي پن گول درين اندر پکڙيل اونهو عميق ڏسان. ڪلي چيم، "پاڻ ڏاڍي اونهي آهي."

"نه بابا بلڪل تانگهي آهي."

"اها ته تنهنجي عادت آهي. مان چوان هن سڙڪ تان هلون، تون ٻيءَ ڏي اشارو ڪرين. مان چوان، اڄ پهاڙين تي مٿي هلنداسين، تون چوين اڄ هيٺ ماڻهن ۾ گلن جي رونق ڏسڻ تي دل آهي. سو مان توکي هاڻي پوريءَ طرح سمجهي ويو آهيان."

"نه اها ڳالهه ناهي بابا، پاڻ ضرور تانگهي آهي، نه ته هيترا گل، ٻن ڪيس ڪيئن ڏيکي رکن ها؟ پاڻي زمين کان تورو ئي مٿي آهي..."

"مون نو ٻهه ڪئي."

"سچ تي ڄوان." هن وري به عميق جون ٻئي درين مرڪي ڪري ۽ مرڪي جهيڻي آواز ۾ چيو، "واقعي پاڻ تراکڙي آهي، نه ته منجهس ايتري بدبوءِ کانه هجي ها."

"بدبوءِ ته کانهي، گلن پڻ جي خوشبوءِ چئه."

"هاڻي وري توهين منهنجي اُبتڙ ويندا."

"نو ٻهه......"

اهي ٿي وڏيون ليمن واريون ڏور ڏيکيون، مون طرف ڪري ٿي چوي، ”ڪيڏي نہ منهنجي سنڀال ٿا لهو بابا!“

’بابا! بابا!!‘ منهنجي اندر ۾ جيڪي بہ اونهيون واديون ويڙهل هيون، تن ۾ سندس انهيءَ اکر کي ور ور ڪري گونجندو ٻڌم. ليڪن ان اکر جو فقط پڙاڏو ئي ايندو ٿي رهيو. چاهيندي بہ منهنجي اندر جو ڪجهہ جو ٻيءَ وينو هو، سو ڪيس ”ڌيءَ“ سڏي جواب نہ ڏيئي سگهيو.

ڪجهہ گرم چانهہ پيئي، اوور ڪوٽ جو ڪالر مٿي مٿي ڪري، ڦو... ڦو... ڪري رهي هئي. ويس اچي چيم، ”تنهنجي سڪي، اچ تئين جائي آهي.“ ڪيڏو موهہ هو ڪجهہ جـو بہ منجهس. انهن اچـي ڪيس جنبڙي جڻ ننڍڙو ٻار پنهنجي ماءُ کي لپٽجي پـوي. منهنجي من جا پاو گوپيءَ لاءِ جا ڪجهہ محسوس ڪري رهيا هئا، سو ٻڌائڻ ڪٺن آهي. هائـو ڪيس ”ڌيءَ“ سڏڻ جي ڪوشش، من - ساگر جي سطح ٿـي ننڍي ڏونڊي هاڪارڻ سمان هئي. منهنجي اونهي عميق ۾ جو گوڙ متو هو، ماندائڻ پيئي هئي، تنهن کان بي خبر هوءَ مٿي ۽ مٿي لڙندي ٿي رهي.

موٽي رهيا هئاسين، جو هن پڇيو هـو ۽ ڪيترائي پيرا پڇيائين، ”توهين ماٺ ڇو آهيو؟“

ٽال ڏني. اُڇاڇي چيم، ”تون ڪيئن ويندينءَ! اڄايون ڳالهيون نہ ڪر؟ ٻار آهين ڇا؟“

هن آرسيءَ ۾ نهاري مرڪي ڏنو. شايد ڀريون ٿي ڀيرو ڪيس احساس ٿيو هو تہ هوءَ سچ پچ هاڻ ٻار نہ هئي، نہ تہ سندس ڳلن اندران لالي نہ چمڪي ها ۽ اکين جا ڇپر ايڏا ڀاري نہ بڻجن ها. هوءَ ”جلدي اچو“ چوندي ڀڄي ويئي. ڪـاڏي جي ٽيبل تـي ويٺو مان سوچي رهيو هوس، آخر ڇا ڪجهہ ڪٿي آئي هئي هيءَ نينگر. بس گهر ٿي ڀرجي پيو هو. مونکي پڪيءَ طرح ياد آهي، سيتا جي جيئري بہ ڪڏهين گهر هن طرح ڀريل نظر نہ آيو هوم. هنجو ڏوهہ بہ نہ هو. هوءَ وڏي گهر جي پليل، هر وقت، منهنجي ننڍي گهر ۾ گهٽتايون ڏسي پيئي خـــار کائيندي هئي. جوانيءَ ۾ ئي ڪئين تمنائون سانڍي هلي ويئي. ”ڇو بابا؟ اڄ ڀاڄي کائڻ لاءِ زور نٿا ڪريو. وري تہ ڪرئي ايڏو زور ڪري کارائڻ وارو ڪو نہ ملندو.“

”هان هان......“ ڪندي پاڻکي خيالن کان آزاد ڪري گوپيءَ جي ڀاڄيءَ واري پليٽ تي ڀري ڇڏيم. هوءَ کلڻ لڳي، ”ايتري؟ مون تہ رڳو توهان کي چپ ڏسڻ نٿي چاهيو، ڀلا هميشہ جو ڳالهائيندا رهندا آهيو، سو مونکي تہ هير پئجي ويئي آهي. پر اَلا اَلا! هولڊال وٺڻ تہ وسري ويو. هيءَ ڇا ۾ ٻڌنديس؟“

سندس هٿ چنبڻ ۽ سهڻن ڏندن جي قطار سان هيئين چپ ڪسي پڪڙڻ ۾ ڪنهن اڃي گهڙيءَ پرئي سمنڊ جي لهر جي هلڪي ڇنڊ نظر آئي.

چيم، ”جلدي ڪاٺ جي وٺ. هولڊال بزار مان وٺي ٿو اچون."

هن پهاڙي علائقي ۾ ٽاڪ منجهند جي وقت بهار جي سندر صبح جهڙي تذڪار هوندي آهي. پوءِ به پهاڙي سڙڪون اهڙيون ئي سڃيون هونديون آهن، جهڙيون ڪنهن شهر ۾ ٽاڪ منجهند جي وقت رهنديون آهن. هولڊال وٺي موٽي رهيا هئاسين. سڃي سڙڪ گلن ڇانئين، وڻن مان ڇٽيل ٻن، هٿ هٿ اڏي رهيا هئا. ڏائي پاسي آسمان بادلن سان پربو ٿي ويو. اسين بنگلي طرف مٽي هلندا ٿي آياسين.

”ڪلهه ڪان وٺي توهانکي مانڪ ماڻڪ ڏنو آهم."

گوپيءَ جي هن آواز چرڪائي ڇڏيو. هوءَ رستي طرف جهڪيل هڪ ٽاريءَ مان ڳاڙهو گل ڇني رهي هئي. امنگ ۾ اچي ٻانهون ڦهلائي، ڪيس گلي لائي چيم، ”تون جا وچين ٿي."

گوپيءَ پاڻ ڪين ڇڏايو، پر هيتريون ڪومل ڳالهيون ڪندڙ ڇوڪري بلڪل سڌي ڪاٺيءَ جيان سخت ڪيئن ٿي بيٺي، سمجهه ۾ ئي نه آيو. بلڪل ئي سپاٽ لهجي ۾ مونکي آهستي هٿ سان پري ڪري چيائين،

”هر ڳل نه پايان“ ۽ چوڻيءَ ۾ ڳـل وڃهندي، مونکان اڳتي نڪري ويئي. مـــن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس. ڪجهه ڪونه ٿيو هو، پر الاجي اندر ئـي اندر ڪٿي هڪ شڪست جو احساس اڀري رهيو هو. اڳتي وڌي چيم، ”مون توکي پنهنجي ٻارڙي سمجهي ياڪر پاتو گوپي!“

گوپيءَ کلي چيو، ”مون به ائين ئي نه سمجهيو.“

پر منهنجيون تکيون نظرون ڪان سندس چپن مٿان ڦهليل کل جو اچانڪ ڦٽي وڃڻ، لڪي نـه سگهيو. ڇا سچ هو، ڇا ڪوڙ هو، ڪير چئي سگهندو؟ ڪوڙ سچ، هڪ ٻئي ۾ ائين مليو پيو هـو، جهڙو نجي پاڻـيءَ ۾ مليو شربت. اندر وويڪ ويو وڌو. شربت ڪونهي، فقط پاڻي آهي. نرمل جل ۾ پيل آهـــي هڪ لالسا. مان ڄاڻي واڻي پنتي هلڻ لڳس.

روز نه ٻئي گڏجي هليا هئاسين. اڄ هڪ ڪـــن ۾ کهڙو جهڳڙو ٿي گذريو هو؟

اوچتو هوءَ بيهي رهي. سندس اڳيان ٻهچي پڇيم، ”بيهي ڇو رهينءَ؟“

”توهان لاءِ.“

’توهان لاءِ؟‘ بس گوپيءَ جي انهن ڳالهين ئي ماريو هوم. منهنجا ٻار هيڏا وڏا ٿـي چڪا آهـن، پر ڪنهن به منهنجي موهـه جي ان طرح موت ڏني ئـــي ڪين

هئي. ڪوئي ان طرح مون لاءِ ڪين ترسيو هوندو. هي سڀ ڇا ٿي رهيو هو؟ جيڪو انسان جي من کي راحت ڏيڻ جو هنر گوپيءَ وٽ هو، سو ڇا منهنجا ٻار ڪنهن به اسڪول ۾ نه پڙهي سگهندا؟ دل چيو پڇانس،"ايڏو گيان ڪٿان سکيئين، ننڍڙي گوپي!" پر انهن کان اڳ ئي هوءَ زمين ۾ نظرون کپائيندي چوندي هلي، "حد کان وڌيڪ موهه چڱو ناهي!"

مونکي ائين لڳو، ڄڻ هلندي هلندي ڪنهن تيز سان ٽڪر لڳي ويو هو. تنيو رڪ جو هو، لوهه جو هو يا ماڳهين ڪنهن جو هو، مگر ڏڪ زوردار ئي لڳو هو.

"تڏهن تو ۾ حد کان وڌيڪ موهه رکيو هو مون؟" مگر ڇوي ڪير اهي آڪر؟ ۽ ڇوي به ڪيئن؟ اکرن اندر ڇا سچائي هئي، انهيءَ ڳالهه کان وٺي ڇا جيءَ نه وٺيو هو منهنجو؟

۽ مٿي بنگلي تي پهچي ڏٺوسين، ڪڪي چانهه دان کي ٽي ڪوزيءَ سان بند ڪري ميز تي چانهه رکي، پاڻ گم ٿي ويئي هئي ۽ ٽي ڪوزيءَ اڳيان پيو هو هڪ خط. گوپيءَ ٽڪرو ٽڪرو لفافو ڦاڙي خط پڙهي ورتو ۽ ۽ ڪرسيءَ ۾ ڍير ٿي پيئي. مان ڪوپ ۾ چانهه لاهيندي رکجي ويس. "ڇا ٿيو، ڇا ٿيو؟"

گوپيءَ جي اکين ۾ آنسو ڇلڪي آيا. رومال ڪڍي

سندس اکيون اُگهي ورتم.

”الاچي چو ٿوکي رُئندو ڏسي، منهنجو من به پرچي ٿو اچي گولي.“ ۽ منهنجين اکين مان سچ پچ ٿي ڳوڙها ڦمڻ لڳا.

هن وڏيون وڏيون گول گول پاڻيءَ سان ڇلڪندڙ اکيون کڻي چيو، ”اميءَ کي منهنجي وڏي پيڻ شانتيءَ جي بيماريءَ جي تار آئي آهي ۽ هوءَ اوڏانهن روانو ٿي چڪي آهي.“

سندس مٿي تي هٿ رکي چيم، ”چڱو جو چئي پوري وقت تي ٻڌائي ويئي. هرڪنهن ڳالهه ۾ ڀلو ئي آهي.“

”شانتيءَ جي بيماريءَ ۾ ڪهڙو ڀلو آهي؟“ هوءَ ڦٽڪي پئي ۽ زور زور سان سڏڪا ڀري روئڻ لڳي. ٻه واري ڪمري مان ڪنهن هڪ جاسوسي ناول جي وچ ۾ آئي وجهي اکيون ڦاڙي پڇندي آئي، ”ڇا ٿي ويو ٿوکي!“ چوندي اچي گوليءَ جي ٻڌ واريءَ ڪرسيءَ تي ويٺي.

مان دک کان ٻاهر وڃي دريءَ وٽ بيٺس. اُپ هاڻي سڄو ئي ڪارو ٿي ويو هو. ڏيري ڏيري وسڻ به لڳو هو. اوچتو هوا تيز ٿيڻ لڳي. مون دري بند ڪري شيشي تي ڳل رکي ڇڏيو. هوا تيز ٿيندي وئي ۽ وسڪاري ۾ به تيزي ايندي وئي. شيشو ڏندلو ٿي

ويو ۽ بند ٿي ويو هيٺ پري تائين ڦهليل جبلن ۽ ماٿرين جو نظارو. مان وري ... ساڳئي هنڌ هليو آيس، جتي گوپي ۽ ڪڪي ويٺيون هيون. گوپي هاڻ مات هئي. ڪڪي ڊگهو ساهه... ڪٿي ناول پڙهڻ هاي ويئي. خبر ناهي ڪهڙي ڪارڻ ڪڪيءَ پنهنجي ساهيڙيءَ کي ان طرح مونکي سونپي ڏنو هو، جڻ هن گهر ۾ قدم رکڻ سان سندس دک سک ۾ خبرچار لهڻ جي سچي جوابداري مونتي رکيل هئي. سندس پير واريءَ ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. اوچتو پنهنجو ڪنڌ ڪٿي ڪرسيءَ جي ٻانهن تي رکيائين ۽ وري ڦٿڪڻ لڳي، "شانتيءَ جي بيمار ٿيڻ ۾ ڪهڙو پلو آهي؟"

مون ڪيس ٻانهن جي وڪڙ ۾ آڻي ٿورو زور ڏنو. هينئر من پوريءَ طرح قابوءَ کان وڃي چڪو هو ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري سندس وارن کي......

ڪيس جاڻ پيئي يا نه سو نٿو چئي سگهان. مگر هوءَ آهستي ڪسڪي وڃي دريءَ وٽ بيٺي. مونکي لڳو منهنجو سارو بدن ڪنهن گرمائش سبب جاي رهيو هو.

"توهانجون اکيون ڇو ڳاڙهيون ٿي ويئون آهن؟" سامهون دروازي مان ايندي ڪڪيءَ سوال ڪيو. سندس هٿ ۾ ڪٿيءَ ڌوتل ڪپڙن جي ڍڳي هئي. ڪڏهين هوءَ ٻئي ڪمري ۾ ڌوٻيءَ کان ڪپڙا وٺي رهي هئي؟ الاجي ڇو اهو ڀرم ٿيو هوم ته پنهنجي سکيءَ جي

جوابداري هوءَ مونکي ٿي سونهي ويهي هئي. مگر پريم
ٽبزاب جو ڪم ڪري ڏيکاريو هو. من پنهنجي اسٽنيءَ
کان ڪري چڪو هو، زبان هري اوم اُچاري رهي
هئي، اکين جي بند پلڪن اندر ڦري رهيا هئا گوپيءَ
سان کيل سڱر. ڪڏهين هوءَ سهو ڪڇ ۾ ڪٽي ڏکي
رهي هئي، ڪڏهين سائي فراڪ سان ولين منجهه لڪي
لڪي رهي هئي، ”ڪٿي آهيان بابا؟“
”بابا... بابا... بابا“ اهو بابا اکر ٿي ته هو جو پوريءَ
طرح ڏني نڪي پاتي سگهيو منهنجي من اندر......
مون رنڌڻي ۾ ويهي ڪڪيءَ کي چيو، ”تنهنجي
ساهرن تمام غريب آهي نه؟“
”ها غريب ته آهي ٿي.“
”سندس مائٽ ڪيتان آڻيندا ڏيتي ليتي، جو کيس
شادي ڪرائيندا؟“
”انڪري ته اسانجي وچولي طبقي جون ڪيڏيون
ڇوڪريون ڪنواريون رهجيو وڃن.“
”مون ٿي چيو، هوءَ پل هميشه لاءِ اسان وٽ رهي
پيئي هجي. ڇوڪي ۽ وندر ٿيندي......“
”الين ته ماڻس هاڻوُ آهي، ڪنهن غريب ڇوڪري
سان ٿي شادي ڪرائي ڇڏيندس.“ چوندي چوندي
ڪڪيءَ کان هڪ وڏو اُپو ساهه کڄي ويو.
مان رنڌڻي جي دروازي کان ٻاهر نڪري رهيو

هوس، جو ڏنم سامهون بيٺي هئي مينڪا ... نہ گوپي... سندس رنل ڳاڙهيون اکيون باهہ وسائي رهيون هيون. هڪ عجيب اوشواس جي ديوار کڙي هئي هنن وڏين وڏين اکين ۾، جنهن جي پنيان ڏڪائيندڙ ڪري پيئي هئي ساري البيلائـــي ۽ احساس. مان پنهنجي وياڪل اکڙين مثان ڇپر ڪيرائـــي پنهنجي ڪمري ڏانهن هلڻ لڳس ۽ ويندي پڌم، هـوءَ ڪڪيءَ کي ڇئي رهي هئي ۽ ڏاڍي کڙي کندي ڇئي رهـي هئي، ”بابا نہ موڪل نہ ڏيندو، مگر مان صبح جو سٽين بجي واري گاڏيءَ ۾ رواني ٿي وينديس. منهنجي پيڻ شانتي کا گهٽو پري تہ آهي ڪين. ڇهن ڪلاڪن جي مسافري ٿي نہ آهي... تون نيڪ ٿي چوندي آهين، تنهنجو بابا نہ رشي آهي!...“

منهنجي من تي جڻ ڪهاڙيءَ جو ڏڪ لڳو... رشي؟